# ٻوڏ جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ مول ندي تي 7 ننڍن ڊئمن جي اڏاوت لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي تجزئي جو خلاصو

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) تحت ٻوڏ کان بچاءِ لاءِ بُنيادي ڍانچي، آبپاشي ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر ڪرڻ سوڌو ننڍن ڊئمن جي مرمت ۽ ٻوڏ جا نقصان گھٽائڻ لا نوان ننڍ تعمير ڪيا ويندا، ته جيئن برسات جي ڪري ايندڙ ٻوڏن جي نقصانن کي گھٽائي سگھجي. مٿي تجويز ڪيل اپائن کانسواءِ تجويز ڪيل منصوبن تي ڪم ڪرڻ سان هڪ ڪروڙ 20 لک آبادي، 18 لک 10 هزار گھرن ۽ 37 لک 70 هزار ايڪڙ جي فصلن کي مستقبل ۾ ايندڙ ٻوڏن توڙي جابلو وهڪرن کان بچائي سگھبو. هي رٿا پنج مُکيه ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. ڀاڱو 1: بُنيادي ڍانچي جي بحالي، ڀاڱو 2: جياپي يا آمدني جا ذريعا پيدا ڪرڻ لاءِ مدد، ڀاڱو 3: آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ادارتي مضبوطي ۽ فني مدد، ڀاڱو 4: رٿا جي انتظام ۽ ڪمن تي خرچ، ۽ ڀاڱو 5: هنگامي حالتن ۾ ترت اپاءَ.

تجويز ڪيل منصوبو ڀاڱي هڪ جي ذيلي حصي 1.1 ۾ اچي ٿو: آبپاشي جي پاڻي ۽ ٻوڏ جي وهڪرن کي ذخيرو ڪرڻ واري ڍانچي جي بحالي. ايس ايف اي آر پي جي ذيلي حصي 1.1وسيلي آبپاشي جي پاڻي ۽ ٻوڏ جي وهڪرن کي ڪنٽرول ڪرڻ واري ڍانچي جي بحالي. سنڌ سرڪار پاران ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ آبپاشي کاتي (SID) تحت شروعاتي طور 11 ڊئمن جي اڏاوت جي رٿابندي ڪئي وئي آهي، جنهن تحت مول ندي (Mole Basin)تي 7 ۽ لٽ ندي (Lat Basin)تي 4 ڊئم تعمير ڪرڻ جو منصوبو آهي. ٻنهي ندين ۾ پاڻي جا وهڪرا عارضي آهن ۽ گھڻو ڪري چوماسي جي مُند ۾ پاڻي دستياب هوندو آهي. تجويز ڪيل ذيلي منصوبي جا 2 مقصد آهن، جِن ۾ جر جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ سان گڏ ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گھٽائڻ شامل آهي. هن ذيلي منصوبي سان زرعي زمين، نباتات ۽ حياتيات، مقامي آبادين سميت رستن ۽ بجلي جي ٿنڀن جهڙين عوامي سهولت وارن جاين جي ڪنهن حد تائين متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. موجوده اي ايس آءِ اي دستاويز ڀاڱي هڪ جي ماحولياتي اثرن ۽ اُنهن کي گھٽائڻ وارن اپائن جي باري ۾ رهنمائي ڪري ٿو. ذيلي منصوبي 2.1 تحت بنيادي ڍانچي جي بحالي؛ ڄامشورو ضلعي جي تعلقي ٿاڻو بولا خان ۾ مول ندي (Mole Basin) تي ٻوڏ جي خطرناڪ وهڪرن کان بچاءُ مول ندي تي 7 ننڍن ڊئمن ۾ مول-2 (نمرو ڊئم)، مول-3 (بقرٽائي ڊئم)، مول-4 (زارو واه ڊئم)، مول-5، مول-6 (جعفر جي ڊئم)، مول-7 ۽ مول-8 شامل آهن.

سمورا تجويز ڪيل ڊئم کيرٿر نيشنل پارڪ ۾ واقع آهن. ڪرچاٽ ۽ ڪار وارا علائقا خطري هيٺ آيل جهنگلي جيوت لاءِ مرڪز قرار ڏنا ويا آهن، جتي سرهه، گَڊ ۽ هرڻن سوڌو ٻيا ناياب جانور جهجهي تعداد ۾ رهن ٿا. کيرٿر نيشنل پارڪ جي انتظامن ۽ سارسنڀال جي ذميواري سنڌ وائيلڊ لائيف کاتي مٿان آهي. خطري هيٺ آيل جهنگلي جانورن جي ڳڙهه ڪرچاٽ ۽ ڪار سوڌو سياحتي ماڳ مڪان تجويز ٿيل ننڍن ڊئمن جي جاين جي بنيادي ۽ ٻئين درجي جي اثر وارن علائقن کان ٻه ٻاهر واقع آهن. جڏهن ته اُهي ذيلي منصوبن جي علائقن کان گھٽ ۾ گھٽ 35 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهن. جيتري قدر ذيلي منصوبن جي علائقن جي ڳالهه آهي، ته ذيلي منصوبن جي جاين تي نباتات ۽ حياتيات لاءِ بيمارين يا ٻيا خطرا رڪارڊ نه ڪيا ويا آهن، نه ئي وري تجويز ڪيل منصوبن جا علائقا جانورن لاءِ محفوظ نڪاڻا تصور ڪيا وڃن ٿا.

جائزي واري علائقي ۾ ننڍن وڻن يا ٻوٽن جي ٻيلي طور (جتي جڙي ٻوٽيون ۽ ٻوٽا هوندا آهن) درجي بندي ڪري سگھجي ٿي. ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته 7 ننڍن ڊئمن جي اڏاوت لاءِ 62 وڻ وڍڻ جي ضرورت هوندي، جڏهن ته اُنهن مان ڪوبه وڻ آءِ يو سي اين فهرست موجب خطري هيٺ نه آهي. هڪ وڻ جي واڍي جي صورت ۾ 5 وڻ پوکڻ جي تناسب سان مجموعي طور 310 وڻ پوکيا ويندا. اڏاوتي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ وڻن جي واڍي واري فهرست ٺاهي ويندي. ٺيڪيدار هن اي ايس آءِ اي لاءِ تيار ڪيل ڪي اين پي مئنيجمينٽ پلان تي عمل ڪرائيندو ۽ پروجيڪٽ امپلينٽيشن ڪنسلٽنٽ-پي آءِ سي جي ماحولياتي ماهرن پاران نگراني ڪئي ويندي. اُن کانسواءِ، جهنگلي جيوت سان لاڳاپيل عملي جي خصوصي تربيت کي پلان ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ايس ايف اي آر پي (SFERP) جي اي ايس ايم ايف (ESMF) دستاويز ۾ بيان ڪيل شروعاتي جاچ جو معيار اِن ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته تجويز ڪيل منصوبي تي ڪم سان وچولي درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي خطرا پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن. جڏهن ته اهي خطرا امڪاني طور عارضي ۽ ازالي جوڳا آهن. اُن کانسواءِ منصوبي جي علائقي تي ڊگھي عرصي تائين اثر رهڻ جا ڪي ٻه امڪان نه آهن. بهرحال، جيئن ته ننڍا ڊئم محفوظ علائقي جي حدن ۾ اچن ٿا، تنهنڪري عالمي بئنڪ جي سيف گارڊ ٽيم سان گڏجي اي ايس آءِ اي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي، ته جيئن خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ذيلي منصوبي جي سطح واريون گھرجون پوريون ڪري سگھجن. سنڌ-اي پي اي موجب: جيئوٽيڪ تجويز ڪيل ڊئمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش 25 ملين ڪيوبڪ ميٽر کان گھٽ ۽ ايراضي 4 چورس ڪلوميٽر آهي، تنهنڪري سمورن ذيلي منصوبن جا ڊئم اِي آءِ اي ضابطو 2021 ۽ آءِاِي اِي جي شيڊول 2 ۾ واضح ڪيل حدن اندر اچن ٿا. اهي سمورا منصوبا شيڊول 2 ۾ اچن ٿا، تنهنڪري فني طور انهن لاءِ هڪ آءِ اي اي دستاويز گھربل آهي. بهرحال سمورا ذيلي منصوبا

محفوظ علائقي ۾ اچن ٿا. تنهنڪري هڪ اي ايس آءِ دستاويز (ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ ننڍن ڊئمن لاءِ هڪ اي ايس آءِ دستاويز بابت سيپا عملدارن سان صلاح مشورن بعد فيصلو ڪيو ويو) سيپا جي گهرجن تي عملدرآمد لاءِ تيار ٿيل آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي اثرن بابت مشاهدي وارو هي دستاويز (اي ايس آءِ اي) تجويز ڪيل ننڍن ڊئمن جي علائقن بابت طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي جاچ مهيا ڪري ٿو. هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍن اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو. ڪوهستان واري علائقي ۾ تجويز ڪيل ننڍن ڊئمن لاءِ جاين جي چونڊ جي حوالي سان ماهر ڪسلٽنٽس کان هڪ سروي ڪرائي وئي. جڏهن ته ڪنسلٽنٽ عملي پاران پروجيڪٽ جي عملي سان گڏ پڻ سروي ڪيا ويا ته جيئن موزون جاءِ جي چونڊ ڪئي وڃي. ان ڪانپوءِ حتمي چونڊ کان پهرين تجويز ڪيل جاين جو ترت سماجي ۽ ماحولياتي تجزيو ڪيو ويو. اُن سان گڏ اي پي اي سنڌ، صوبائي جهنگلي جيوت کاتي، ڊبليو ڊبليو ايف ۽ مقامي آبادين پاران ضرورت پٽاندڙ چونڊيل جاين جي منظوري ڏني وئي. سنڌ اي پي اي پاران منصوبي جي جاءِ بابت هڪ عوامي ٻڌڻي به ڪرائي وئي. اِن حوالي سان سنڌ حڪومت جي جهنگلي جيوت کاتي کان اجازتنامي (NOC) لاءِ رابطو ڪيو ويو آهي، جيڪو جهنگلي جيوت ۽ پي آءِ يو جي عملدارن پاران فيلڊ جي گڏيل دوري بعد جاري ڪيو ويندو. جڏهن ته خود کاتي پاران به ڪجهه ڊئمن لاءِ جايون تجويز ڪيل آهن.

ڄامشورو ضلعي جي تعلقي ٿاڻو بولا خان ۾ مول ندي ويجهو 21 فيبروري 2023ع تي 7 ڊئمن جي اي ايس آءِ اي دستاويز بابت عوامي ٻڌڻي ڪرائي وئي. جتي مقامي ماڻهن ۽ لاڳاپيل ڌرين کي پنهنجا ويچار توڙي خدشا پيش ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ قومي توڙي مقامي اخبارن (سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولي جون اخبارون) ۾ 15 ڏينهن اڳ عوامي نوٽيس شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ ترجي سڄاڻ ماڻهن، لاڳاپيل شهرين، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي عوامي ٻڌڻي ۾ شرڪت ڪرڻ جي ڪوٺ ڏني وئي هئي. سنڌ اي پي اي به پنهنجي ويبسائيٽ تي اي ايس آءِ اي دستاويز رکيو.

اها زمين جاگرافيائي لحاظ کان سڌي ۽ ڪنهن حد تائين لهواري آهي. ذيلي منصوبن جا سمورا علائقا زون 2-B ۾ 0.16 کان 0.24 پي جي اي (زلزلي يا قدرتي آفتن کي روڪڻ واري ڍانچي جي پيمائش) جي فرق سان اچن ٿا (بلڊنگ ڪوڊ آف پاڪستان، 2022). هن زون ۾ نقصان جو خطرو گهٽ آهي، ان جو مطلب ته زون ۾ ايندڙ سمورن علائقن ۾ زلزلي جو خطرو گهٽ هوندو آهي. ذيلي منصوبن جي علائقن جي آبهوا گرم ۽ خشڪ رهي ٿي. جڏهن ته انهن علائقن ۾ هڪ سال دوران وڌ کان وڌ 0.03 کان 0.04 انچ تائين برساتون پونديون آهن.

ٽيسٽ ليب جي ماهرن پاران ذيلي منصوبن جي علائقن ۾ مختلف هنڌن تان جُزا ورتا ويا ۽ سيپا جي منظور ٿيل ڊوڪوم ليبارٽري ۾ اُنهن جو معائنو ڪيو ويو. جڏهن ته اُنهن نمونن جو سنڌ انوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽينڊرڊ 2016 (SEQS) جي معيار پٽاندڙ معائنو پڻ ڪيو ويو. معائني مان پتو پيو ته اُتي زهريلا جُزا طئه ڪيل معيار کان گهٽ آهن. جڏهن ته کُليل پاڻي وارپائڻ سبب پاڻي جو لڙاتيل هجڻ، پٿريلي علائقي ۾ کارو پاڻي هجڻ، نيڪال جو نظام ۽ صفائي نه هجڻ ڪري مائيڪرو بايولاجيڪل گدلاڻ پيدا ٿيندي آهي. انساني فضلي جي نتيجي ۾ پاڻي گدلو ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. اُن کي ڊئمن جي اڏاوت ڪندڙ عملي لاءِ فلٽر ٿيل پاڻي جي فراهمي وسيلي گهٽائي سگهجي ٿو ۽ اُن حوالي سان اثر گهٽائڻ جي اپائن واري پاڳي ۾ تفصيلي ذڪر ڪيو ويندو.

منصوبي جي علائقن ۾ مقامي آبادي جر توڙي زميني سطح تي گڏ ٿيل پاڻي زرعي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهي آهي. ڪوهستان خطي ۾ جر جي پاڻي جي اونهائي 150 کان 300 فوٽ آهي. عورتن طرفان پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ طئه ٿيندڙ مفاصلو علائقن جي حساب سان مختلف آهي. مثال طور، ڪوهستان ۾ پاڻي پرڻ لاءِ 2 کان 3 ڪلوميٽر مفاصلو طئه ڪن ٿيون.

ذيلي منصوبن لاءِ ڪابه خانگي زمين گهربل نه هوندي، ڇاڪاڻ جو نئين ۽ پاڻي جي قدرتي وهڪرا سرڪاري ملڪيت هوندا آهن. اُن سان گڏ ڊئم ۽ ڪيمپ جا علائقا سرڪاري زمين ۾ تجويز ڪيا ويا آهن. پر جيڪڏهن منصوبي لاءِ ڪا زمين گهربل هوندي ته ان کي حاصل ڪرڻ جو طريقو بيهر آبادڪاري پاليسي فريم ورڪ پٽاندڙ هوندو، جيڪو ايس ايف اي آر پي لاءِ تيار ٿيل آهي. اُن ڪانسواءِ اڳواٽ موجود ڍانچي (جهڙوڪ جانورن جا ٿاڪ، ڊنيون ڍورا، عوامي سهولتن جا ڍانچا ۽ پولٽري فارم وغيره.) ڊاهڻ جون سرگرميون شامل نه آهن ۽ ڪنهن به قسم جي آبادڪاري جي ضرورت نه هوندي، ڇاڪاڻ جو انهن علائقن ۾ آباديون ٽڙيل پکڙيل آهن ۽ ذيلي منصوبا گهٽ آبادي واري علائقن ۾ واقع آهن.

اڏاوتي مرحلي ۾ عارضي طور ناڪاري اثر پوڻ جا امڪان آهن. ٺيڪيدار پاران رپورٽ ۾ اثر گهٽائڻ بابت تجويز ڪيل اپائن تي سختي سان عمل ڪيو ويندو. اُن ڪانسواءِ سمورن ننڍن ڊئمن لاءِ عارضي سهولتون (جهڙوڪ ڪيمپ علائقي جو قيام، ذخيرو ۽ پارڪنگ ايريا وغيره) ويران زمين تي تعمير ڪيون وينديون، تہ جيئن حياتيات ۽ نباتات تي پونڌڙ اثرن کي گهٽائي سگهجي. اڏاوتي مرحلي دوران رڳو ڊئم جي مرڪزي حصي ۾ وٽڪار صاف ڪرڻ يا زمين جو استعمال تبديل ڪرڻ جي توقع هوندي. اُن ڪانسواءِ ڪوبہ عارضي يا مستقل رستو نہ ٺاهيو ويندو ۽ اڳواٽ موجود رستن سوڌو ٻيا وسيلا ڪتب آندا ويندا. سرگرمين جي مرحلي ۾ ڪنهن مشينري يا اوزار جي ضرورت نہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ ڊئم عارضي وهڪرن جي علائقن ۾ واقع آهن.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن کي ڪچري جي دبن جي فراهمي ڪرڻ شامل آهن. سمورا ڪم (SFERP) لاءِ خصوصي طور تيار ڪيل ليبر مئنيجمينٽ پلان سان ٺهڪن ٿا. سمورا ننڍا ڊئم مول ندي ۽ان مان نڪرندڙ نئين تي تجويز ڪيا ويا آهن. انهن مان 3 ننڍا ڊئم مول ندي ۽ باقي ڊئم اُن سان لاڳاپيل نئين تي تعمير ڪيا ويندا.تجويز ڪيل ڊئمن جي حفاظت يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ اسپل وي پهرين دفائي لائين طور ڏنو ويو آهي. اسپل وي کي پاڻي جي سطح کان 4 فٽ مٿئين حصي (Freeboard) سان گڏ اهڙي نموني ڊزائين ڪيو ويو آهي جو 100 سالا ٻوڏن کي حفاظت سان نيڪال جو لنگهہ ملي ويندو. هي فري بورڊ پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڊئم جي ويڪر ۽ پاڻي جي لهرن جي اونچائي کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيو ويو آهي.

ڊئمن جي ٽٽڻ بابت هڪ جامع اڀياس ڪرايو ويو، جنهن جي رپورٽ "ڊيٽيل ڊزائين" جي عنوان سان جاري ڪئي وئي. هن اڀياس جي رپورٽ ۾ هي نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ ٻوڏ جي پاڻي کي روڪڻ ۽ ذخيرو ڪرڻ وارو ڊئم ننڍو آهي ۽ 0.319 چورس ڪلوميٽر (78 ايڪڙ) ايراضي کان وڌيڪ نہ آهي.تنهنڪري ڊئم ٽٽڻ جي صورت ۾ بہ 25.89 ميل يا 67 چورس ڪلوميٽر علائقو پاڻي هيٺ اچي سگهي ٿو.جڏهن تہ سڀ کان وڌيڪ ايم 02 جي ڊئمن تي 5.22 چورس ميل يا 13.5 چورس ڪلوميٽر ۽ سڀ کان گهٽ ايم 06 واري ڊئم تي 0.84 چورس ميل يا 2.17 چورس ڪلوميٽر ايراضي ٻڏي سگهي ٿي. اُن سان گڏ بدترين صورتحال ۾ 3,487 ماڻهو متاثر ٿيڻ جو خدشو هوندو. سمورا تجويز ڪيل ڊئم ڇاڪاڻ جو ٻوڏ جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ آهن، تنهنڪري اُن سان هڪ پاسي ٻوڏ جا نقصان گهٽ ٿيندا ۽ زندگي جو ڪاروهنوار رڳو ڪجهہ ڏينهن (امڪاني طور 4 کان 8 هفتا) لاءِ متاثر ٿيندو. اي ايس ايم پي بجيٽ ۾ آبادي جي ڀلائي لاءِ مالي مدد جي بہ سفارش ڪئي وئي آهي تہ جيئن غير متوقع اثرن جو ازالو ڪري سگهجي.

اُن ڪانسواءِ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو جامع جائزو (C-ESIA) ڪرڻ لاءِ هڪ ڌار تجزئي جي تجويز ڏني وئي آهي. سي -اي ايس آءِ اي جو مجموعي مقصد ماحولياتي ۽ سماجي اثرن سان گڏ انهن خطرن جي نشاندهي ڪرڻ آهي، جيڪي هاڻوڪين يا مستقبل جي ترقياتي سرگرمين سان ڳنڍيل هجن. اهي اثر ۽ خطرا اهڙن اثرن جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا، جيڪي تجويز ڪيل ننڍين ڊئمن جي واٽر شيڊ سوڌو ماحولياتي، سماجي ۽ اقتصادي پائيداريت کي ڊگهي عرصي تائين خطرن جي ور چاڙهيندا. ڇاڻايل تجزيو معاهدي تي صحيُن ڪانپوءِ شروع ٿيندو ۽ اُن کي 6 مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

اي اينڊ ايس سيف گارڊ تحت نگراني ڪئي ويندي، جنهن جو مقصد اثر گهٽائڻ جي منصوبن تي عملدرآمد ۽ شڪايتن جو روزانو جي بُنيادن تي اثرائتي نموني ازالو يقيني بڻائڻ آهي. نگراني جي اِن عمل کي ٽن مرحلن ۾ جاري رکيو ويندو. پي آءِ يو سطح تي ماحولياتي، سماجي تحفظ ۽ صنفي ماهرن پاران حفاظتي نگراني ڪئي ويندي، تہ جيئن اثر گهٽائڻ جي قدمن بابت منصوبن تي اثرائتو عمل يقيني بڻايو وڃي، جڏهن تہ روزانو بُنيادن تي فيلڊ ۾ وڃي پڻ جائزو ورتو ويندو. فيلڊ جي سطح تي پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (PIC) جي لاڳاپيل عملي پاران بہ معمول کان وڌيڪ حفاظتي نگراني ڪئي ويندي. پي آءِ سي ۽ پي آءِ يو پاران اي ايس ايم پي لاءِ ماهوار، تہ ماهي ۽ سالياني رپورٽ پيش ڪئي ويندي.

ايس ايف اي آر پي سوڌو هاڻوڪي اي ايس ايم پي تي عملدرآمد جي مجموعي ذميواري پي آءِ يو -ايس ايف اي آر پي سان گڏ سنڌ حڪومت جو آبپاشي کاتو ادا ڪندو، جنهن جي سربراهي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪري ٿو. پي آءِ يو پاران پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس جون خدمتون ورتيون ويون آهن، جن جي ذميواري ڊئمن جي اڏاوت جي نگراني ڪرڻ آهي. ٺيڪيدار بہ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ ليبر آفيسر مقرر ڪرڻ جو پابند هوندو، تہ جيئن موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل گهرجن سوڌو اثر گهٽائڻ وارن قدمن عملدرآمد يقيني بڻائي سگهجي.

تجزئي جي ڪاٿي موجب مٿي ڄاڻايل 7 ڊئمن جي اڏاوت دوران 62 وڻ وڍيا ويندا، اُنهن مان ڪوبہ آءِ يو سي اين موجب خطري هيٺ ناهي. هڪ وڻ جي جاءِ تي 5 وڻ پوکيا ويندا ۽ هڪ ٻوٽي تي 2000 روپيا خرچ ٿيندو، اُنهي تناسب سان مجموعي خرچ جو ڪاٿو 620,000 روپيا لڳايو ويو آهي. اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ 550، 047، 109روپين جي بجيٽ ڌار رکي وئي آهي. جڏهن تہ هر ڊئم جي علائقي ۾ مقامي آبادين جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ 7,000,000 روپيا رکيا ويا آهن. اها رقم عارضي طور هر ڊئم جي اي ايس ايم پي بل ۾ شامل ڪئي وئي آهي.